# مفتي فاروق جون

# پياريون خوبيون

**25-July-2024**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(for Islamic Brothers)

25 جولاءِ 2024ء (بمطابق 18 محرم شريف، 1446ھ) تي پاڪستان جي
هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# مفتي فاروق جون پياريون خوبيون

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگھندؤ.....

- ... نيڪ ماڻھن جي اهميت ۽ فضيلت
- ... تلاوت جا ثواب
- ... بدنگاهي کان بچڻ جي فضيلت
- ... هيپاٽائيٽس جو روحاني علاج

پيشڪش
اَلْمَدِیْنَۃُ الْعِلْمِیہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)
(شعبو بياناتِ دعوتِ اسلامي)
ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا حَبِيۡبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا نَبِیَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا نُوۡرَ الله

نَوَيۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ: جمعي جي رات ۽ جمعي جي ڏينهن (يعني جمعرات جو سج لهڻ کان وٺي جمعي جو سج لهڻ تائين) مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهندا ڪيو! جيڪو ايئن ڪندو، قيامت جي ڏينهن مان ان جي گواهي ڏيندس ۽ شفاعت به ڪندس. [1]

تمنّا ہے فرمایئے روزِ محشر
یہ تیری رہائی کی چِٹّھی ملی ہے
شفاعت کرے حشر میں جو رضاؔ کی
سوا تیرے کس کو یہ قُدرت ملی ہے [2]

وضاحت: يارسول الله صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ خواهش هي آهي ته جڏهن قيامت جي ڏينهن حاضري ٿئي ته اوهان فرمايو: اي رضا! تنهنجي لاءِ هي جهنم کان آزادي جو پروانو مليو آهي. اي پيارا محبوب صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ! رضا جي شفاعت ڪرڻ اوهان جو ئي ڪم آهي، اوهان کانسواءِ ڪنهن کي هيءَ طاقت ناهي ڏني وئي.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]... شُعَبُ الْاِيْمَان، باب فی الصلوات، جلد:3، صفحہ:111، حديث:3033۔

[2]...حدائقِ بخشش، صفحہ:188 ملتقطًا۔

# بيان ٻڌڻ جون نيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنَّةَ سچي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏيندي آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا، مثال طور نيت ڪريو! ❁ رضاءِ الٰهي جي لاءِ مڪمل بيان ٻڌندس ❁ اَدَب سان ويهندس ❁ بيان دوران سُستي کان بچندس ❁ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس ❁جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## نيڪ ماڻهن جي اهميت ۽ فضيلت

پيارا اسلامي ڀائرو! اسلام اسان جو پيارو دين آهي، هن پاڪيزه آسماني دين جي هڪ خاصيت هيءَ به آهي ته اسان جي دين ۾ اهميت، وقعَت ۽ فضيلت ۞ نالي ۽ نسب جي ناهي، ۞ ظاهري حليي جي ناهي، ۞ مال ۽ دولت ۽ ظاهري ٽپ ٽاپ جي ناهي، سوچ ۽ ڳالهين جي ناهي بلڪ اسلام ۾ اهميت، وقعت ۽ فضيلت عمل ۽ ڪردار جي آهي، جيڪو خوش نصيب نيڪيون ڪندو آهي، زندگي جو هر لمحو رب جي رضا وارن ڪمن ۾ گذاريندو آهي، ۞ ان کي فضيلتن سان به نوازيو ويندو آهي، ۞ ان کي عزت به بخشي ويندي آهي، ۞ معاشري ۾ اهميت به ڏني ويندي آهي ۞ اهڙي خوش بخت جو اهو شان هوندو آهي جو ان جو نالو وٺڻ، ان جو سنو تذڪرو ڪرڻ به رحمت وسڻ جو ذريعو بڻجي ويندو آهي. منقول آهي: عِنْدَ ذِكْرِ الصَّالِحِيْنَ تَنَزَّلُ الرَّحْمَةُ نيڪ ماڻهن جي ذڪر وقت رحمت نازل ٿيندي آهي.[2] پوءِ

[1] مسند فِردَوس، جلد:4، صفحه:305، حديث:6895ـ

[2] ...حلية الاولياء، رقم١٠٧٥٠، ج٧، ص٣٣٥ـ

ان سان ڳڌوڳڏ قرآن ۽ حديث ۾ نيڪ ماڻهن کي پنهنجو آئيڊيل (Ideal) بڻائڻ جي باقاعده تعليم ڏني وئي آهي. الله پاڪ جو ارشاد آهي:

| | |
|---|---|
| وَّاتَّبِعۡ سَبِيۡلَ مَنۡ اَنَابَ اِلَيَّ | ترجموڪَنزُالعِرفان: ۽ منهنجي طرف رجوع ڪندڙ ماڻهوءَ جي رستي تي هل. (پاره: 21، لقمان: 15) |

سُبۡحٰنَ الله! ڪهڙو صاف ارشاد آهي، فرمايو پيو وڃي: هر اهو ٻانهو جيڪو ۞ الله پاڪ جي طرف رجوع ڪندو آهي، ۞ رب پاڪ جي رستي تي هلندو آهي، ۞ نيڪ ڪم ڪرڻ وارو آهي، ۞ رب جي رضا وارن ڪمن ۾ زندگي گذاريندڙ آهي، ان کي پنهنجو آئيڊيل بڻايو ۽ ان جي پنيان هلندا رهو. عالم سڳورا فرمائن ٿا: ۞ صالِحِين (يعني نيڪ ماڻهن) کي آئيڊيل بڻائڻ سنتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي هلڻ جو وسيلو آهي. نيڪ ماڻهن کي آئيڊيل بڻائڻ جي برڪت سان الله پاڪ جي خاص مدد ۽ نصرت ملندي آهي. ۞ نيڪ ماڻهن کي آئيڊيل بڻائڻ جي برڪت سان پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خصوصي شفقت نصيب ٿيندي آهي. ۞ جيڪو نيڪن کي آئيڊيل بڻائيندو آهي، ان تي الله پاڪ جي رحمت وسندي آهي. ۞ جيڪو نيڪن کي آئيڊيل بڻائيندو آهي، ان جي، ان جي اهل و عيال، ايستائين جو ان جي پاڙيسرين جي بہ حفاظت ڪئي ويندي آهي. ۞ جيڪو نيڪن کي آئيڊيل بڻائي ٿو، ان جون دعائون قبول ٿينديون آهن. ۞ نيڪ ماڻهن جو رستو اختيار ڪرڻ جي برڪت سان دنيا ۾ ڀلائي، ۞ سٺي ۽ پاڪيزه زندگي، ۞ نيڪ عملن جي توفيق ملندي آهي. ۞ ۽ جيڪو خوش نصيب نيڪ ماڻهن کي آئيڊيل بڻائي ٿو، ان کي قبر جي امتحان ۾ ثابت قدمي، محشر جي هولناڪين کان امان، پل صراط کان نجات ۽ جنت ۾ نيڪ ماڻهن جو پاڙو نصيب ٿيندو آهي.(1)

| | |
|---|---|
| بنا دے مجھے نیک نیکوں کا صدقہ | گناہوں سے ہر دم بچا یاالٰہی! |
| مرا ہر عمل بس ترے واسطے ہو | کر اِخلاص ایسا عطا یاالٰہی! |
| عبادت میں گزرے مری زندگانی | کرم ہو کرم یا خُدا! یاالٰہی! |

---

1... حُسْنُ التَّنَبُّه لِمَا وَرَدَ فِی التَّشَبُّه ،جلد:1،صفحه:238و425 و437و442، 446و447 و461۔

الله پاڪ اسان کي نيڪ ماڻهن جو پيروڪار بڻجڻ ۽ انهن سان مشابهت اپنائڻ، انهن جهڙا عمل، اخلاق ۽ ڪردار اپنائڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## هڪ صحابي ۽ هڪ مفتي جو ذڪرِ خير

يقيناً نيڪ ماڻهن جا طور طريقا اختيار ڪرڻ لاءِ انهن جي سيرت ۽ ڪردار سان واقف هجڻ ضروري آهي. عنقريب 21 محرم شريف اچڻ وارو آهي، ان ڏينهن عظيم صحابي رسول، عاشقِ مصطفيٰ، اها بلند هستي جن کي معراج جي رات پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جنت ۾ پنهنجي اڳيان اڳيان ڏٺو[1] يعني مؤذن رسول حضرت بلال رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي وفات جو ڏينهن آهي ۽ اڄ 18 محرم شريف آهي، اڄ جي ڏينهن هڪ تمام نيڪ هستي، عاشق قرآن، عاشق نيڪ اعمال، عالم باعمل، مفتيءِ دعوت اسلامي حضرت مفتي محمد فاروق عطاري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي وصال جو ڏينهن آهي. اچو! انهن ٻنهي نيڪ هستين يعني هڪ صحابي رسول ۽ هڪ عاشقِ صحابہ مفتي صاحب جو ذڪر خير ٻڌون ٿا، انهن جا پيارا پيارا اوصاف ٻڌون ٿا ۽ نيت ڪريون ٿا تہ اسين بہ اهڙا نيڪ ڪم ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين.

## حضرت بلال رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جو ذڪر خير

اسان جا آقا حضرت بلال حبشي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ مشهور صحابي رسول آهن، سندن نالو مبارڪ: بلال ۽ لقب آهي: مؤذِنِ رسول. بلڪ اسان جا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس سَيِّدُ الْمُؤَذِّنِيْن (سڀني اَذان ڏيندڙن جا سردار) جو خطاب ڏنو.[2]

---

[1]...بخاری،ج۱،ص۱۵۴۔

[2]...سير اعلام النبلاء، جلد:3، صفحہ:220۔

حضرت بلال رضي الله عنه جي باري ۾ عام طور تي ائين سمجهيو وڃي ٿو ته سندن رنگ مبارڪ تمام گهڻو ڪارو هو، بلڪ بعض ماڻهو جڏهن سندن حليو مبارڪ بيان ڪندا آهن ته معاذ الله! هڪ وحشت ناڪ ماحول پيدا ڪندا آهن، الله پاڪ بي ادبي کان محفوظ فرمائي! هي صحيح نه آهي، حضرت بلال رضي الله عنه جو رنگ مبارڪ گندمي هو، عالم سڳورن سندن حليو مبارڪ بيان ڪندي لکيو:

كَانَ شَدِيْدُالْاُدْمَةِ حضرت بلال رضي الله عنه جو رنگ مبارڪ گهڻو گندمي هو،[1] يعني جيئن اناج جو داڻو هوندو آهي، ان کي ٿورو ڪاراڻ مائل ڪري ڇڏيو ته جيئن رنگ ٺهبو، حضرت بلال رضي الله عنه جو رنگ مبارڪ ان انداز جو هو. پاڪ ۽ هند ۾ عموماً ماڻهن جا رنگ گندمي هوندا آهن.

اسلام کا جمال ہے تیرے جمال سے | سیرت تری ہے دِین کی اک ترجماں بلال

وضاحت: ماڻهو ته سندن رنگ کي وٺي ڳالهيون ناهيندا آهن، پر حقيقت هي آهي ته اسلام جي خوبصورتي سندن ذات سان واضح ٿئي ٿي ۽ سندن ذات دينِ اسلام جي ترجمان آهي.

❁ حضرت بلال حبشي رضي الله عنه **سابِقُ الاِسْلَام** آهن يعني سندن ابتداءِ اسلام ۾ ئي ايمان قبول ڪيو هو. ❁ غلامي کان آزادي نصيب ٿيڻ جي بعد کان وٺي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وصال ظاهري تائين حضرت بلال رضي الله عنه بارگاهِ رسالت ۾ حاضر رهيا. ❁ حضرت بلال رضي الله عنه مؤذن رسول به آهن ❁ ۽ خازنِ مصطفيٰ به آهن يعني رسول اڪرم، نور مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مالي معاملات جي سارسنڀال حضرت بلال رضي الله عنه کي عطا ڪري ڇڏي هئي. ❁ الله پاڪ جي آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وصال ظاهري کان پوءِ

[1]...معرفة الصحابہ لابی نعیم، جلد:1، صفحہ:333۔

حضرت بلال رضي الله عنه ملڪ شام هليا ويا ۽ آخر تائين اتي رهيا، پاڻ رضي الله عنه سن 20 هجري ۾ هن دنيا فاني کان رخصت ٿيا. سندن مزار مبارڪ ملڪ شام ۾ آهي.[1]

| | |
|---|---|
| جاہ و جلال دَو نہ ہی مال و مَنَال دَو | سوزِ بلال بَس میری جھولی میں ڈال دو |
| دُنیا کے سارے غم میرے دِل سے نکال دو | غم اپنا یاحبیب بَرائے بِلال دو [2] |

وضاحت: يارسول الله صلى الله عليه واله وسلم! مون کي دنياوي شان و شوڪت، مال ۽ اسباب نہ تو گھرجي، مون کي بس حضرت بلال رضي الله عنه جو عشق رسول گھرجي، حضرت بلال رضي الله عنه جي صدقي اوهان اهڙو ڪرم ڪريو تہ منهنجي دل مان سيئي دنياوي غم نڪري وڃن ۽ صرف اوهان جو غم نصيب ٿئي.

## بلال ڪڏهن بہ ڪوڙ ناهي ڳالهائيندو.

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت بلال رضي الله عنه جي پوري سيرت روشن آهي، سندن هڪ هڪ ادا اختيار ڪرڻ جي قابل آهي، سندن ڪيترن ئي اعلىٰ خوبين مان هڪ خوبي هي بہ آهي تہ پاڻ هميشہ سچ ڳالهائيندا هئا، ڪوڙ کان نفرت ڪندا هئا. هڪ ڏينهن حضور اڪرم، نور مجسم صلى الله عليه واله وسلم حضرت بلال حبشي رضي الله عنه جي گھر تشريف فرما ٿيا.

سُبْحٰنَ الله! ڪهڙي عزت افزائي آهي، ٻنهي جهانن جا آقا، ملائڪ جن جي بارگاه ۾ حاضري جي خواهش ڪندا آهن، اهي آقا صلى الله عليه واله وسلم پاڻ هلي ڪري حضرت بلال رضي الله عنہ جي گھر تشريف فرما ٿيا. پڇيو: بلال گھر ۾ آهي؟ حضرت بلال رضي الله عنه جي گھر واريءَ عرض ڪيو: هوءَ تہ گھر ۾ ناهي. پوءِ زوج محترم

---

[1]...أُسد الغابہ، جلد:1، صفحہ:415و416، ملتقطاً۔

[2]...وسائلِ بخشش، صفحہ:305۔

(***wife***) عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! بلال جڏهن گهر ايندا آهن، انهن جي زبان تي بس هڪ ئي ڳالهه هوندي آهي: قَالَ رَسُوۡلُ اللّٰهِ، قَالَ رَسُوۡلُ اللّٰهِ، اڄ رسول الله هي فرمايو، اڄ رسول الله هيئن فرمايو (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم).

عشق ڏسو! حضرت بلال رَضِىَ اللّٰهُ عَنۡهُ جيستائين بارگاهِ رسالت ۾ حاضر رهندا آهن، ديدارِ مصطفیٰ جا جام پيئندا رهندا آهن، جڏهن گهر ايندا آهن تہ پنهنجي محبوب آقا، ٻنهي جهانن جي داتا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون ئي ڳالهيون ڪندا آهن.

وِچھوڑے دے میں صدمے روز جَھلّاں یارسولَ اللہ!
کَراں میں تیریاں دِن رات گلّاں یارسولَ اللہ!

**وضاحت:** يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اَلۡفِرَاق، مان رات ڏينهن توهان جي جدائي جي صدمي کي برداشت ڪيان ٿو، جدائي جي باهہ کي گهٽائڻ لاءِ رات ڏينهن اوهان جون ڳالهيون ڪندو آهيان (پنهنجي غلام تي ڪرم ڪريو ۽ ان کي پنهنجو جلوو عطا ڪريو).

خير! آخري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هيءَ ڳالهہ ٻڌي چيو: مَاحَدَّثَكِ عَنِّيۡ بِلَالٌ فَقَدۡ صَدَقَ، بلال منهنجي طرفان جيڪا بہ حديث بيان ڪري ٿو، اهو سچ آهي بِلَالٌ لَايَكۡذِبُ بلال ڪوڙ ناهي ڳالهائيندو.[1]

اي عاشقان رسول! ڪمال ڏسو! سچا آقا، رسول خدا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي سچي زبان سان سچي عاشق رسول حضرت بلال رَضِىَ اللّٰهُ عَنۡهُ جي سچائيءَ جي شاهدي ڏئي رهيا آهن. هي آهي حضرت بلال رَضِىَ اللّٰهُ عَنۡهُ جي شان. ڪاش! حضرت بلال رَضِىَ اللّٰهُ عَنۡهُ جي صدقي اسان کي هميشہ سچ ڳالهائڻ جي توفيق ملي، ڪاش!

---

[1]...تاريخ مدينہ دمشق، جلد:10، صفحہ:463۔

ڪوڙ سان اهڙي نفرت ٿئي جو مرندي وقت تائين ڪڏهن بہ ڪوڙ نہ ڳالهايون. ❁ ڪوڙ ڳالهائڻ گناهہ آهي، ❁ ڪوڙ جهنم ۾ وٺي ويندڙ ڪم آهي، ❁ ڪوڙ ڳالهائڻ مسلمانن جو نہ پر منافقن جو طريقو آهي. افسوس! اسان وٽ اهڙا نادان بہ آهن، جيڪي چوندا آهن: جناب، سچ جو زمانو ناهي، ڪوڙ ڪانسواءِ تہ ڪم ئي نٿو هلي. هي دعوٰي ڪيتري صحيح آهي، اچو تہ ان باري ۾ بہ حضرت بلال رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي سيرت پاڪ مان راهنمائي وٺون ٿا.

## سچ ئي تنهنجو ڪم بڻايو آهي

حضرت بلال رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جو هڪ ڀاءُ هو، بعض ڪتابن ۾ ان جو نالو خالد لکيل آهي. ان جو نڪاح ڪرڻو هو، حضرت بلال رَضِیَ اللہُ عَنْہُ ان کي ساڻ وٺي هڪ قبيلي ۾ ويا.

هاڻي ڏسو! اسان وٽ بہ رشتا ڪيا ويندا آهن، پر حال ڇا هوندو آهي؟ ❁ بناوٽ اختيار ڪئي ويندي آهي، ❁ ڪوڙ ڳالهايو ويندو آهي، ❁ڇوڪريءَ وارا ڇوڪريءَ جي ڪوڙي تعريف ڪندا آهن، ❁ ڇوڪري وارا ڇوڪري جي ڪوڙي تعريف ڪندا آهن، ❁ پوءِ جڏهن رشتو ٿي ويندو آهي، شادي کان پوءِ ڪوڙ ظاهر ٿيندو آهي تہ جهيڙا ٿيندا آهن، جهگڙا ٿيندا آهن، ايتري تائين جو طلاق تائين نوبت پهچي ويندي آهي. حضرت بلال رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جو پاڪيزه انداز ڏسو! پاڻ رشتو وٺڻ لاءِ ڇوڪري وارن وٽ ويا، فرمايائون: توهان اسان کي سڃاڻو ٿا، هي منهنجو ڀاءُ آهي. ❁ اسان پهريان غلام هئاسين، الله پاڪ آزادي عطا ڪئي، ❁ اسان گمراهيءَ ۾ هئاسين، الله پاڪ پنهنجي نبي، رسول هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّمَ جي ذريعي اسان کي هدايت عطا ڪئي، ❁ اسان غريب هئاسين، الله پاڪ اسان کي غني ڪري ڇڏيو، جيڪڏهن توهان پنهنجي ڇوڪريءَ جو رشتو ڏيڻ پسند ڪريو تہ الحمد لله! نہ پسند ڪريو، تہ بہ ڪو حرج ناهي.

حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي پيشڪش ٻڌي چوڪريءَ وارن فوري طور رشتو منظور ڪري ورتو. پوءِ جڏهن حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ واپس وڃي رهيا هئا، رستي ۾ سندس ڀاءُ چيو: اي ڀاءُ! اوهان اسان جي نيڪي جو ذڪر ڪيو ها، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّمَ تي اسان جي جان نثاريءَ جو ذڪر ڪيو ها، توهان اسان جي ماضي جي حالتن ڪي چو دهرايو؟ حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ چيو: **مون سچ ڳالهايو ۽ انهي سچ جي بدولت تنهنجو رشتو طئي ٿيو.**(1)

سُبْحٰنَ اللّٰہ! معلوم ٿيو: سچ ڳالهائڻ سان ڪم بگڙندا ناهن، نهندا آهن ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ سان ڪم نهندا ناهن، الٽو بگڙندا آهن. الله پاڪ اسان سيني کي هميشہ سچ ڳالهائڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

غیبت سے اور تُہمت و چغلی سے دُور رکھ | خُوگر تُو سچ کا دے بنا یا ربِّ مصطفٰے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! اچو، هاڻي مفتي فاروق صاحب رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جي ذڪر خير جون بہ ڪجهه برڪتون وٺون ٿا.

## مفتي فاروق جون پياريون خوبيون

مفتيِ دعوتِ اسلامي مفتي فاروق صاحب جي ولادت 26 آگسٽ 1976 تي ٿي، پاڪستان جي شهر لاڙڪاڻي جا رهاڪو هئا. ❁ پاڻ حافظِ قرآن بہ هئا. ❁ 1995 ۾ پاڻ جامعة المدينہ ۾ داخلا ورتي ۽ عالم بڻيا، ❁ پوءِ مفتي ڪورس ڪري مفتي بڻيا ۽ تقريباً 11 مهينا دار الافتاء ۾ رهندي فتوائون لکندا رهيا.

## (1) تلاوتِ قرآن جا شوقين

[1]...تَذْکِرَہ حَمْدُونیہ، باب:8 صِدْق و کِذْب کا بیان، جلد:3، صفحہ:78۔

مفتي فاروق صاحب سان گڏ پڙهندڙ مدني عالمن جو بيان آهي: دورانِ طالبِ علمي، جڏهن پڙهائي جي وچ ۾ وقفو ٿيندو هو، اسان چانهه وغيره پيئڻ لاءِ ويندا هئاسين، پر مفتي فاروق صاحب وقت مان فائدو وٺندي تلاوت شروع ڪندا هئا. هڪ دفعي ڪنهن جي پڇڻ تي فرمايائون: "مان روزانو هڪ منزل (تقريباً 7 سيپارا) تلاوت ڪندو آهيان". انهي طرح ڪلاس جي دوران جيڪڏهن ڪو پيريڊ خالي اچي ويندو هو ته قرآنِ ڪريم جي تلاوت شروع ڪري ڇڏيندا هئا، سندن ڪلاس فيلو اسلامي ڀائرن ڪائنس متاثر ٿي انهن کان تجويد و قراءت سان قرآنِ ڪريم سکڻ شروع ڪيو هو.

سُبۡحٰنَ اللّٰه! پيارا اسلامي ڀائرو! ڪيڏو پيارو ذوق آهي، ڪيڏو نرالو شوق آهي، وقت جي قدر ڏسو ڪيتري ڪندا هئا. ٿورو وقت مليو، فوراً تلاوت شروع ڪري ڏني. هاڻي اسان جو حال ڇا هوندو آهي؟ ٿورو وقت به واندڪائي لاءِ ملي ته سيني ڪان پهرين موبائل هٿ ۾ ايندو آهي. پوءِ موبائل تي ڇا ٿيندو آهي؟ ❁ ڪڏهن واٽس ايپ ڏسي رهيا آهيون، ❁ اسٽٽس چيڪ ڪري رهيا آهيون، ❁ يوٽيوب کولي ورتو، ❁ فيس بڪ کولي فضول سڪرولنگ ڪندا وياسون، ❁ ريليز يا شارٽس ڏسڻ شروع ٿي وياسين، پوءِ ان موبائل ۾ گناهن جا ذريعا به گهڻا آهن. درحقيقت، چئي سگهجي ٿو ته موبائل گناهن جي پوري دڪان آهي. موبائل هٿ ۾ هجي ۽ ماڻهو گناهن کان بچي وڃي، اهو تمام مشڪل آهي. ها، ان جو درست استعمال به يقيناً آهي، ۽ ڪرڻ وارا ڪندا به آهن. بهرحال، چوڻ جو مقصد اهو آهي ته اسان ماڻهو وقت جي قدر تمام گهٽ ڪندا آهيون. ٿورو ٿورو وقت جيڪو اسان کي فارغ ملندو آهي، ان کي اسان پنهنجي زندگي جو حصو شمار ئي ناهيون ڪندا. ❁ مثال طور، نماز لاءِ وڃي رهيا آهيون، ❁ نماز پڙهي واپس اچي رهيا آهيون، رستي وارو اهو جيڪو وقت آهي، اهو به اسان جي زندگي جو حصو آهي، ان جو به قيامت جي ڏينهن حساب ڏيڻو آهي.❁ اهڙي

طرح ڪم ڪري رهيا هئاسين، ڪندي ڪندي ڪجھ سيڪنڊن لاءِ رُڪجي وياسون، ساھ کنيو، اهي چند سيڪنڊ بہ قيمتي آهن. ۞ ڪم تي هئاسين، يا اسڪول، ڪاليج وغيره ۾ هئاسين، ڪجھ دير جو وقفو ٿيو، عام طور اهو وقفو فضول گفتگو ۾ ضايع ڪيو ويندو آهي. ۞ اهڙي طرح سڄو ڏينهن تمام گهڻو وقت اسان کي بہ بہ، چار چار منٽن جي صورت ۾ ملندو آهي، جنهن جي عام طور پرواھ ناهي ڪئي ويندي. ۞ هي تہ چند منٽن جي ڳالھ آهي، ۞ ڪيترا ئي ڪلاڪ بہ فضوليات ۾ ضايع ڪيا ويندا آهن. ۞ سڄي رات فضول ڪچهري ۾، دوستن جي گڏجاڻي ۾ يا موبائل ۾ مشغول ٿي ڪري فضوليات ۾ گذاري ڇڏيندا آهيون، اها تمام بري ڳالھ آهي. وقت تمام قيمتي شي آهي، هي وقت ئي اسان جي زندگي آهي. ساھ هلندو رهي ٿو تہ زنده آهيون، ساھ جي رڳ ٽٽي تہ سڀ ڪجھ ختم ٿي ويندو. قرآن ڪريم ۾ آهي:

يٰۤاَيُّهَا الۡاِنۡسَانُ اِنَّكَ كَادِحٌ اِلٰى رَبِّكَ كَدۡحًا فَمُلٰقِيۡهِ

ترجمو ڪنزالعرفان: اي انسان! بيشڪ تون پنهنجي ربّ جي طرف ڊڪڻ وارو آهين پوءِ ان سان ملڻ وارو آهين. (پاره:30، اَلْاِنْشِقَاق:6)

تفسير نُورالعرفان ۾ آهي: (يعني) اي انسان! تنهنجو هر ساھ توکي موت سان ۽ ربّ جي ملڻ سان قريب ڪري رهيو آهي.[1] ڪنهن شاعر ڇا تہ خوب توجھ ڏياري آهي، لکي ٿو:

اِک یہ جہاں، اِک وہ جہاں، دونوں جہاں کے درمیاں
ہے فاصلہ اِک سانس کا، گر آگئی تو یہ جہاں، گر رُک گئی تو وہ جہاں

**وضاحت:** دنيا ۽ آخرت جي درميان صرف هڪ ساھ جو فاصلو آهي جيڪڏهن هلي ٿو تہ ٻانهو دنيا ۾ آهي ۽ جيڪڏهن رڪجي وڃي ٿو تہ آخرت جي طرف

[1]... تفسير نُوْرُ الْعِرفان ، پاره:30، الانشقاق، زيرِ آيت:6

سفر شروع ٿي وڃي ٿو.

انهيءَ ڪري پيارا اسلامي ڀائرو! پنهنجي وقت (Time) جي قدر ڪريو! اسان کي گهرجي تہ وڌيڪ وقت نيڪين ۾ گذارڻ جي ڪوشش ڪريون. ❁ جيئن ئي ڪو فارغ وقت ملي، چاهي هڪ منٽ ئي ڇو نہ هجي، فوراً ذڪر الله شروع ڪريون. ❁ هڪ دفعو الله چوڻ بہ ذڪر ئي آهي. ❁ هڪ دفعو سُبْحٰنَ الله! چوڻ سان جنت ۾ وڻ لڳندو آهي.[1] حديث پاڪ ۾ آهي: اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ تَمْلَاُ الْمِيْزَان اَلحَمْدُلله! چوڻ ميزان کي ڀرڻ واري نيڪي آهي.[2] هڪ ڀيرو صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد پڙهڻ سان رحمت جا 70 دروازا کُلي ويندا آهن.[3]

ڏسو! هي مختصر نيڪيون آهن، ڪجهہ سيڪنڊ لڳندا آهن ۽ ثواب ڪيترو وڌيڪ آهي، جيڪڏهن اسان پنهنجي وقت جي قدر ڪيون تہ تمام گهڻيون نيڪيون نهايت آساني سان ڪمائي سگهون ٿا ❁ ڪوشش ڪيو! هٿ ۾ تسبيح رکو! جيئن ئي موقعو ملي، فوراً الله پاڪ جو ذڪر يا درود پاڪ پڙهڻ شروع ڪيو! ❁ فڪرِ آخرت شروع ڪيو! ❁ نعتِ پاڪ جا اشعار پڙهڻ شروع ڪيو!

اُن کی یادوں میں کھو جایئے! | مصطفےٰ، مصطفےٰ کیجئے!

الله پاڪ اسان کي توفيق بخشي، وقت جي قدر نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## تلاوت جي عادت بڻايو!

پيارا اسلامي ڀائرو! مفتي فاروق عطاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تلاوتِ قرآن جا شوقين هئا، الله پاڪ اسان کي بہ اهڙو شوق عطا ڪري. جيڪڏهن توهان کي حفظ ڪرڻ

---

[1]... سنن ابن ماجہ،کتاب الادب،باب فضل التسبيح،الحديث:۳۸۰۷،ج۴،ص۲۵۲۔

[2]... صحيح مسلم"، کتاب الطهارة، باب فضل الوضوء، ر:223، صـ140۔

[3]... قَوْلُ البَدِيْع، باب ثانی، صفحہ:277۔

جو شرف مليو آهي تہ پوءِ اٿندي، ويهندي، هلندي ۽ گهمندي بہ قرآن پاڪ جي تلاوت ٿي سگهي ٿي. جيڪڏهن حفظ ناهي ڪيو تہ بہ ڪجهہ وقت روزانو تلاوت لاءِ ڪڍڻ گهرجي. هڪ مسلمان جيڪو الله ۽ رسول تي ايمان رکي ٿو، قرآن پاڪ کي ربّ جو ڪلام مڃي ٿو، ڇا ان جي زندگي قرآن کانسواءِ گذري سگهي ٿي؟ گهٽ نہ سهي، ❁ روزانو هڪ ڪلاڪ ئي تلاوت لاءِ رکو! ❁ هڪ ڪلاڪ نہ تہ اڌ ڪلاڪ، ❁ اڌ ڪلاڪ نہ تہ 15 منٽ، ❁ 15 منٽ نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ 5 منٽ تہ هر مصروف ماڻهو بہ ڪڍي سگهي ٿو. جيڪڏهن اسان ڪوشش ڪريون، روزانو ❁ هڪ رڪوع، ❁ ٻہ رڪوع، ❁ اڌ سيپارو، پورو سيپارو، الله پاڪ توفيق ڏي تہ، ❁ ٻہ سيپارا، ❁ ٽي سيپارا ، ❁ چار سيپارا تلاوت ڪريون! مفتي فاروق صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڏسو! روزانو هڪ منزل جي تلاوت ڪندا هئا، قرآن پاڪ جون ڪل 7 منزلون آهن، يعني مفتي صاحب 7 ڏينهن ۾ پورو قرآن پاڪ ختم ڪري وٺندا هئا.

## تلاوت جا ثواب

الله پاڪ توفيق عطا فرمائي، تلاوتِ قرآن تمام فضيلت وارو عمل آهي.

❁ تلاوتِ قرآن افضل عبادت آهي.(1) ❁ قرآن پاڪ جو هڪ حرف پڙهڻ تي 10 نيڪين جو ثواب ملندو آهي. (2) ❁ قرآن پڙهڻ سان رحمت نازل ٿئي ٿي، ملائڪ پرن سان ڇانوَ ڪن ٿا، سڪينو نازل ٿيندو آهي(3) ❁ جيڪو صبح جو قرآن ختم ڪري ٿو تہ شام تائين ۽ جيڪو شام جو ختم ڪري ٿو تہ صبح تائين ملائڪ ان لاءِ رحمت جي دعا ڪن ٿا.(4) ❁ قيامت جي ڏينهن قرآن پنهنجي

---

[1]...كنز العمال، كتاب: الاذكار، جزء:1، جلد:1، صفحہ:257، حديث:2261۔

[2]...ترمذی، كتاب: فضائل القران، صفحہ:676، حديث:2910۔

[3]...مسلم، كتاب:الذكر والدعا، صفحہ:1039، حديث:2699ماخوذاً۔

[4]...كنز العمال، كتاب: الاذكار، جزء:1، جلد:1، صفحہ:261، حديث:2316۔

پڙهندڙن جي شفاعت ڪندو. (1) ❁ قاريءِ قرآن، قرآن ڪريم پڙهندو جنت جا درجا چڙهندو ويندو. (2) ❁ جيڪو نماز ۾ بيهي ڪري قرآن جي تلاوت ڪري ٿو ان لاءِ هر حرف جي بدلي 100 نيڪيون آهن، ۽ جيڪو نماز ۾ ويهي تلاوت ڪري ٿو ان لاءِ هر حرف جي بدلي 50 نيڪيون آهن، ۽ جيڪو نماز کان علاوه وضو سان تلاوت ڪري ٿو ان لاءِ 25 نيڪيون آهن، ۽ جيڪو وضو کان بغير تلاوت ڪري ٿو ان لاءِ 10 نيڪيون آهن. (3) ❁ قاريءِ قرآن اسلام جي جهنڊي کي جهليندڙ آهي. (4) قاريءِ قرآن الله پاڪ جو خاص ٻانهو آهي. (5) ❁ قاريءِ قرآن عذابِ الٰهي کان محفوظ رهي ٿو. (6) ❁ قرآن پڙهندڙ ان جي برڪت سان ترقي ڪندو ۽ وڏا درجا حاصل ڪري وٺندو آهي. (7)

یہی ہے آرزو تعلیم قرآن عام ہو جائے | تلاوت کرنا صبح و شام میرا کام ہو جائے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## تِلاوت جي برڪت سان جان بچي وئي

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه! تلاوت جون برڪتون هن دنيا ۾ بہ ظاهر ٿين ٿيون. هڪ اسلامي ڀاءُ فرمائي ٿو: هڪ ڀيري مان مفتي فاروق صاحب کي موٽر سائيڪل تي ويهاري گهر ڇڏڻ وڃي رهيو هيس، مان موٽر سائيڪل هلائي رهيو هيس، ٻاڻ ٻئي پويان ويهي تلاوت ڪري رهيا هئا، رستي ۾ هڪ جاءِ تي مونکي ايئن محسوس ٿيو چڻ ڪا تار اسان جي موٽر سائيڪل سان ٽڪرائي آهي. خير! مان

---

[1]…مسلم، كتاب: صلاة المسافرين، صفحه:290، حديث:804۔

[2]…ابو داؤد، كتاب:الوتر، صفحه:241، حديث:1464 ماخوذاً۔

[3]…احياء العلوم، كتاب آداب تلاوة، الباب الثانى، جلد:1صفحه:362۔

[4]…مسند الفردوس، جلد:2، صفحه:135، حديث:2690۔

[5]…كنز العمال، كتاب: الاذكار، جزء:1، جلد:1، صفحه:258، حديث:2275۔

[6]…كنز العمال،كتاب الاذكار، الجزءالاول، ۲۵۸/۱، حديث:۲۲٦۷

[7]…كنز العمال،كتاب الاذكار، الجزءالاول، ۲۵۹/۱، حديث:۲۲۸۹

هلندو رهيس، مفتي صاحب کي گهر پهچايو، انهن کي لاٿو، پوءِ ساڳي رستي سان واپس آيس تہ ساڳي جاءِ تي ماڻهن جي رش لڳل هئي. پڇيم: هتي ڇا ٿيو آهي؟ ماڻهن ٻڌايو: بجلي جي تار روڊ تي ڪري پئي آهي، جنهن ۾ ڪرنٽ آهي. اهو ٻڌي مونکي هڪ جهٽڪو لڳو تہ هيءَ تار تہ اسان جي موٽر سائيڪل سان ٽڪرائي هئي پر الحمد لله! اسان کي ڪرنٽ نہ لڳو، منهنجو حسنِ ظن آهي تہ مفتي صاحب جيڪا تلاوت ڪري رهيا هئا، هي انهيءَ تلاوت جي برڪت هئي.

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو: تلاوت جي برڪت سان آخرت جو ثواب تہ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ملندو ئي آهي، الله پاڪ چاهيو تہ دنيا جون مشڪلاتون، پريشانيون، آفتون، بلائون بہ دور ٿي وينديون.

تلاوت کی توفیق دیدے الٰہی! | گناہوں کی ہو دور دل سے سیاہی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (2) زبان ۽ اکين جي حفاظت

پيارا اسلامي ڀائرو! مفتي دعوتِ اسلامي مفتي فاروق صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي هڪ ٻي تمام پياري خوبي هي آهي تہ پاڻ زبان ۽ اکين جي تمام گهڻي حفاظت ڪندا هئا، يعني پنهنجي زبان کي بہ گناهن کان بچائي رکندا هئا ۽ اکين کي بہ گناهن کان تمام گهڻو بچائيندا هئا.

❁ **سندن گڏ ڪم ڪرڻ واري هڪ مُفتي صاحب جو بيان آهي:** مفتي دعوتِ اسلامي زبان جو مضبوط قفلِ مدينہ لڳائيندا هئا (يعني گناهن ڀريون ڳالهيون ڪرڻ تہ پري جي ڳالهہ آهي، بنا ضرورت ڳالهائيندا ئي نہ هئا). ڪيئي ڀيرا ائين ٿيو تہ مان موٽر سائيڪل تي ساڻس گڏ دارالافتاء آيس، پاڻ سڄو رستو خاموش رهندا هئا، دارالافتاء پهچي سلام ڪندا ۽ رخصت ٿي ويندا هئا.

❁ **سندن گهر وارن جو بيان آهي:** مفتي صاحب تمام گهٽ گفتگو ڪندا هئا، اڪثر خاموش ئي رهندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن گهر وارن سان بہ لکي ڳالهہ ٻولهہ ڪندا هئا.

**اھڙي طرح اکين جو قفلِ مدينہ بہ تمام زبردست ھو** (يعني پنھنجي اکين کي گناھن کان تہ بچائيندا ئي ھئا، فضول ھيڏانھن ھوڏانھن ڏسڻ کان بہ گھڻو بچندا ھئا). پاڻ پنھنجي موٽر سائيڪل صرف انھيءَ ڪري وڪڻي ڇڏي جو ھلائيندي ڪڏھن ڪڏھن غير محرم عورت سامھون اچي وڃي تہ نظر بچائڻ تمام مشڪل ٿي وڃي ٿو.

**ھڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آھي:** مونکي مفتي فاروق صاحب سان ھند جي سفر ڪرڻ جي سعادت ملي، سفر دوران ڪيترائي ڀيرا ڏٺم تہ جيڪڏھن ڪنھن گاڏي ۾ سوار ٿي ڪٿي وڃڻو پئي پيو تہ مفتي صاحب گاڏي ۾ سوار ٿيندي ئي اکيون بند ڪري ڇڏيندا ھئا (تہ جيئن غير محرم عورتن تي نظر نہ پوي).

سُبْحٰنَ الله! ڪيتري تہ پرھيزگاري آھي...!! ڪاش! اسان کي بہ اھڙي توفيق ملي وڃي. سچي ڳالھ آھي، اڄ ڪلھ تہ نہ اسان جي زبان کي لغام آھي، نہ اکين جو ڪو نڪاٽو آھي. زبان آھي جو ھلندي آھي تہ بس ھلندي ئي رھي ٿي ❁ ڪڏھن ھن ملڪ جون ڳالھيون، ❁ ڪڏھن سمنڊ پار جون ڳالھيون، ❁ ڪڏھن فضول ڳالھيون، ❁ ڪڏھن غيبت، ڪڏھن چغلي، ❁ ڪڏھن ھڪ ٻئي تي بھتان لڳائڻ، ❁ زبان جي ذريعي ٻين جي دل ڏکائڻ، ❁ گنديون ڳالھيون ڪرڻ وغيره بس ھلندو رھي ٿو. اھڙي طرح اکين جي حفاظت جي تہ ڳالھ ئي نہ پڇو! ❁ رستي تي ھلندي نظرون چارون طرف گھمي رھيون ھونديون آھن: ڪڏھن دڪانن جا بورڊ پڙھي رھيا آھيون، ڪڏھن رستي تي لڳل اشتھارن تي نظرون آھن، پھريان ماڻھو فليڪس لڳائيندا ھئا، ھاڻي تہ رستن تي ايس ايم ڊي لڳائي بي پرده عورتن جون وڊيو ھلائيندا آھن، اُتي ماڻھن جو حال ڇا آھي؟ ڪو موٽر سائيڪل ھلائي رھيو آھي تہ نظرون وڊيو تي آھن، ڪو ڪار ھلائي رھيو آھي تہ نظر وڊيو تي آھي، پيادل ھلندڙ بہ مٿي ڏسندي رستو پار ڪري رھيا ھوندا آھن، نتيجي طور حادثا بہ ٿي ويندا آھن، چوٽ بہ لڳي ويندي، گاڏي جو بہ نقصان ٿي ويندو آھي ۽ ڪيئي ماڻھو مري بہ ويندا ھوندا. الله پاڪ اسان جي حال تي رحم فرمائي. قرآني تعليمات تي عمل ڪريو، دنيا بہ سنورجي ويندي، آخرت بہ سنورجي ويندي.

## نگاهون جهڪائڻ جو قرآني حڪم

سيپارو 18، سوره نور جي آيت نمبر 30 ۽ 31 ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو

قُلْ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ يَغُضُّوْا مِنْ اَبْصَارِهِمْ

**ترجموڪنزالعرفان:** مسلمان مردن کي حڪم ڏيو ته پنهنجون نگاهون ڪجهه هيٺ رکن.

هن آيت ۾ مسلمان مردن کي حڪم ڏنو ويو آهي ته اهي پنهنجون نگاهون ڪجهه هيٺ رکن ۽ جنهن شيءِ کي ڏسڻ جائز ناهي ان تي نظر نه رکن. (1)

## رستي جا حق

حضرت ابو سعيد خدري رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت آهي، رسول اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم ارشاد فرمايو: توهان رستن تي ويهڻ کان بچو. صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! رستن تي ويهڻ بغير اسان جو گذارو ناهي، اسين اتي ويهي ڪچهريون ڪندا آهيون. ارشاد فرمايو: جيڪڏهن رستن تي ويهڻ کان سواءِ توهان جو ڪو چارو ناهي ته رستي جو حق ادا ڪريو. صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: رستي جو حق ڇا آهي؟ ارشاد فرمايو: نظر هيٺ رکڻ، تڪليف ڏيندڙ شيءِ کي دور ڪرڻ، سلام جو جواب ڏيڻ، نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ. (2)

## بدڪاراک

حضرت ابو هريره رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت آهي ته الله پاڪ جي نبي، مڪي مدني صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا ته اکين جي زنا بدنگاهي آهي. (3)

---

[1]... خازن، النور، تحت الآية: ۳۰، ۳ / ۳۴۸۔

[2]... بخاری،کتاب المظالم والغصب،باب افنیۃ الدوروالجلوس ...الخ،۲ / ۱۳۲،الحدیث:۲۴۶۵۔

[3]... بخاری، حدیث ۶۲۴۳۔

## بدنگاهي کان بچڻ جي فضيلت

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي ذهن بڻائڻ گهرجي، نگاهون جهڪائي رکڻ جي عادت بڻايو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيم! برڪتون ئي برڪتون نصيب ٿينديون. حضرت معاويہ بن حَيده رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ سرڪار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: 3 اکيون جهنم نہ ڏسنديون. (1): اها اک جيڪا راهِ خدا ۾ پهرو ڏئي، (2): اها اک جيڪا الله پاڪ جي خوف سان روئي ۽ (3): اها اک جيڪا الله پاڪ جي حرام ڪيل شين ڏانهن نہ ڏسي. (1)

## عبادت جي مٺاڻ ملي ويندي آهي

فرمانِ مصطفىٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم: عورت جي حسن و جمال ڏانهن نظر ڪرڻ ابليس جي زهر ۾ ٻوڙيل تيرن منجهان هڪ تير آهي. جيڪو شخص پنهنجي اکين جي حفاظت ڪندو، الله پاڪ کيس اهڙي عبادت جي توفيق عطا ڪندو جنهن جي مٺاڻ اهو پنهنجي دل ۾ محسوس ڪندو. (2)

## نظر هيٺ رکڻ دل کي پاڪ ڪندو آهي

امام محمد غزالي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو هيءُ ڪلام ملاحظ ڪريو، فرمائن ٿا: نظر هيٺ رکڻ دل کي تمام گهڻو پاڪ ڪندو آهي ۽ نيڪين ۾ اضافي جو ذريعو آهي. (3)

سُبْحٰنَ اللّٰه! ڪهڙي پياري برڪت آهي عام طور تي ماڻهن جي شِڪوا هوندي آهي تہ نماز ۾ دل نٿي لڳي، نيڪين ڏانهن دل مائل نٿي ٿئي، نماز ۾ وسوسا ايندا رهن ٿا، دل چاهي ٿي تہ نيڪ ٿي وڃان پر گناهن جي عادت ڇڏجي نٿي، نيڪين ۾ دل نٿي لڳي. امام غزالي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه علاج عطا ڪري رهيا آهن تہ

---

[1]... معجم كبير، ١٩ /٤١٦، حديث:١٠٠٣۔

[2]... معجم كبير، ـہحديث:10362۔

[3]... منہاج العابدين، تقوى الاعضاء الخمسۃ، الفصل الاول: العين، ص٧٢-٧٣۔

پنهنجون نگاهون هيٺ رکڻ جي عادت بڻايو! دل به پاڪ ٿي ويندي ۽ نيڪين جي توفيق به نصيب ٿي ويندي.

آقا کی حیا سے جھکی رہتی نظر اکثر | آنکھوں پہ مرے بھائی لگا قفلِ مدینہ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## (3) نمازن جو اهتمام

مفتي فاروق صاحب رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جي خوبين مان هڪ پياري خوبي اها به آهي ته پاڻ نمازِ باجماعت جو تمام گهڻو اهتمام ڪندا هئا. ڪيترائي ڀيرا جيڪڏهن ٽرين ذريعي پنجاب وڃڻو هوندو هو ته ڪراچي کان حيدرآباد تائين بس ۾ ويندا هئا ته جيئن نماز آسانيءَ سان ادا ڪري سگهن. جيڪڏهن ٽرين جي اچڻ ۾ دير هوندي هئي ته باقاعده مسجد ۾ وڃي نمازِ باجماعت ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. هميشه هر نماز پهرين صف ۾ ادا ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندا هئا. مفتي صاحب رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جي هڪ دوست جو بيان آهي: مفتي صاحب تمام باعمل هئا. ❁ اڪثر باوضو رهندا هئا. ❁ ڪيترائي ڀيرا مون کين تَحِيَّةُالْوُضُو به پڙهندي ڏٺو آهي. ❁عموماً اَذان کان اڳ وضو ڪري وٺندا هئا، پوءِ جيئن ئي اَذان ٿيندي هئي، مسجد ۾ هليا ويندا هئا. ❁ عموماً پهرين صف ۾ نماز پڙهندا هئا. ❁ مان سندن سان گڏ تقريباً 4 سال رهيس، ان دوران مون انهن جي تڪبيرِ اُوليٰ فوت ٿيندي نه ڏٺي.

سُبْحٰنَ اللّٰه! پيارا اسلامي ڀائرو! نيڪيون ڪمائڻ جو ڪيترو زبردست جذبو آهي، ڪيتري ڪمال جي استقامت آهي! 4 سالن ۾ مفتي صاحب جي هڪ ڀيرو به تڪبيرِ اوليٰ فوت نه ٿي. جماعت سان نماز پڙهو ته نيت ٻڌڻ لاءِ امام صاحب جيڪا پهرين تڪبير چوندو آهي ان کي تڪبير اُوليٰ چيو ويندو آهي. هاڻي اسان ٿورو غور ڪريون، اسان وٽ تڪبيرِ اُوليٰ ته رهي پري جي ڳالهه، ماڻهن جي جماعت تائين نڪري وڃي ٿي بلڪ ڪيترا ته اُهي آهن جن جون نمازون قضا ٿي رهيون هونديون آهن، هزارن ۾ ته اهي آهن جو نماز پڙهڻ سندن فهرست ۾ شامل ئي

ناهي. بس جمعو ۽ عيد جي نماز پڙهي ورتي، باقي روزانو جي پنجن نمازون جي خبر ئي ناهي. الله پاڪ اسان جي حال تي رحم فرمائي. هڪ ڏينهن ۾ 5 نمازون فرض آهن ۽ مقرر وقت تي فرض آهن، هر نماز جو الڳ وقت مقرر آهي، انهيءَ وقت جي اندر پڙهڻ فرض آهي، باجماعت نماز پڙهڻ واجب آهي،نماز قضا ڪرڻ حرام ۽ جهنم ۾ وني وجڻ وارو ڪم آهي، بغير شرعي مجبوري جي جماعت ڇڏي ڏيڻ ترڪِ واجب، ناجائز ۽ گناه آهي.

| | |
|---|---|
| ہو گیا تجھ سے خدا ناراض اگر | قبر سن لے آگ سے جائیگی بھر |
| عمر میں چُھوٹی ہے گر کوئی نماز | جلد ادا کرلے تُو آ غفلت سے باز |

## تڪبيرِ اُوليٰ جا فضائل

حديثِ پاڪ ۾ آهي: جيڪو الله پاڪ جي لاءِ 40 ڏينهن تڪبيرِ اوليٰ سان باجماعت نماز پڙهي، ان جي لاءِ 2 آزاديون لکيون وينديون، هڪ آزادي باهه کان ۽ ٻي آزادي نفاق کان. (1)

الله پاڪ اسان کي باجماعت نماز پڙهڻ جي توفيق عطا فرمائي، ڪاش! تمام نمازون تڪبيرِ اُوليٰ سان پڙهڻ نصيب ٿي وڃن. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (4) مفتي فاروق ۾ ديني ڪمن ۾ دلچسپي

پيارا اسلامي ڀائرو! مفتي دعوتِ اسلامي مفتي فاروق صاحب رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي هڪ ٻي وڏي پياري خوبي هيءَ آهي تہ هو نيڪي جي دعوت جا تمام گهڻا شوقين هئا، 12 ديني ڪم تمام گهڻي محبت ۽ شوق سان ڪندا هئا. ان جي تنظيمي

[1]… ترمذی، بابُ: الصّلوٰة، صفحہ:78، حديث:241۔

ذميدار جو بيان آهي: مفتي محمد فاروق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن ڏينهن ۾ وارد نگران هئا سندن ڪارڪردگي تنظيمي ڪمن ۾ به باقي سيني ڪان بهتر هئي. سندن ڪارڪردگي فارم بنا گهرڻ جي سيني ڪان پهريان ملي ويندو هو. سندن علائقي جا اسلامي ڀائر چون ٿا: ۞ مفتيءِ دعوت اسلامي حاجي محمد فاروق عطاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي سمجهائڻ سان ڪيترائي اسلامي ڀائر نمازي بڻيا، پنهنجي چهري تي ڏاڙهيون سجايون ۽ ديني ماحول سان وابسته ٿي ويا. ۞ هي مسلسل فجر لاءِ جاڳائيندا هئا. ۞ علاقائي دورو براءِ نيڪي جي دعوت ۾ شرڪت فرمائيندا. ۞ مدرسة المدينه براءِ بالغان پڙهائيندا هئا. ۞ هڪ پيرو اسان جي سامهون اندرونِ سنڌ ڪان آيل 50 ڪان 60 غير مسلم سندن هٿ تي مسلمان ٿيا. ۞ انهن جي ترغيب تي ڪيترن ئي اسلامي ڀائرن پنهنجن ٻارن کي حافظِ قرآن بڻايو. ۞ تمام گهڻا ملنسار هئا. (1)

سُبْحٰنَ الله! ڪاش! اسان کي به اهڙو جذبو ملي، نيڪيون پاڻ به ڪريون ۽ ٻين کي نيڪي جي دعوت به ڏيون. 12 ديني ڪم به خوب وڌي ڪريون. ۞ نمازِ فجر پاڻ به باجماعت ادا ڪريون ۽ ٻين کي به فجر لاءِ جاڳايون. ۞ علاقائي دورو ڪريون. ۞ درس ڏيون يا ٻڌون. ۞ عاشقانِ رسول سان مدني قافلن جا مسافر بڻجون. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! زندگي ۾ نکار اچي ويندو.

## نيڪي جي دعوت ڏيڻ هر مسلمان جي بنيادي ذميواري آهي

هونئن به نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ برائي ڪان منع ڪرڻ هر مسلمان جي بنيادي ذميوارين مان هڪ اهم ذميواري آهي. قرآنِ ڪريم ۾ سيپاري: 10، سورة التوبة ۾ هڪ مقام تي الله پاڪ منافقن ۽ ايمان وارن جا جدا جدا اوصاف بيان فرمايا آهن ، منافقن بابت فرمايو:

---

[1]... ترمذی، بابُ: الصّلٰوة، صفحہ:78، حدیث:241۔

يَاْمُرُوْنَ بِالْمُنْكَرِ وَ يَنْهَوْنَ عَنِ الْمَعْرُوْفِ

برائي جو حڪم ڏين ٿا ۽ نيڪي کان منع ڪن ٿا. (سيپارو: 10، سورة التوبة: 67)

يعني هي منافقن جو ڪم آهي تہ اهي برائي جو حڪم ڏين ٿا ۽ نيڪي کان منع ڪن ٿا. جڏهن تہ عاشقانِ رسول مسلمانن جو وصف بيان ڪندي الله پاڪ فرمايو:

وَالْمُؤْمِنُوْنَ وَالْمُؤْمِنٰتُ بَعْضُهُمْ اَوْلِيَآءُ بَعْضٍ يَاْمُرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ وَ يَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ

ترجموڪنزالعرفان: ۽ مُسلمان مَرد ۽ مُسلمان عورتون هڪ ٻئي جا ساٿي آهن، ڀلائيءَ جو حڪم ڏيندا آهن ۽ بُرائي کان منع ڪندا آهن.

(سيپارو: 10، سورة التوبة: 71)

يعني مسلمان مرد ۽ مسلمان عورتون پاڻ ۾ ڀائر ڀينر آهن، مرد مردن سان ۽ عورتون عورتن سان الله پاڪ جي رضا جي لاءِ محبت رکن ٿا ۽ مسلمانن جو هيءُ اعليٰ وصف آهي تہ اهي پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي نيڪي جي دعوت ڏين ٿا ۽ برائي کان منع ڪن ٿا.

**افسوس...!!** هاڻي ماڻهن جو حال تمام گهڻو خراب ٿي چڪو آهي، ماڻهو گناهہ ڪرڻ ۽ گناهن جي ترغيب ڏيڻ ۾ بلڪل شرم محسوس نٿا ڪن، بي حيائي جي ڪمن کي فيشن ۽ جدت جو نالو ڏئي ڪري ان کي اپنائڻ لاءِ بي ڌڙڪ هڪ ٻئي کي آماده ڪيو وڃي ٿو، ايستائين جو والدين پنهنجي اولاد کي دين کان پري، مادرن ۽ آزاد خيال ڏسي خوش ٿيندا آهن، حوصلہ افزائي بہ ڪندا آهن پر افسوس! نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۾ عام طور ڪيترائي مسلمان شرمائيندا آهن.

افسوس! هاڻي ماڻهن حقيقي مسلمانن وارا ڪم تہ ڇڏي ڏنا! سنا ۽ نيڪي وارا ڪم ڪن ٿا تہ شرم اچي ٿي ۽ منافقن وارو ڪم ڪرڻ ۾ بلڪل شرم،

جهجڪ محسوس ناهي ٿيندي. الله پاڪ اسان جي حال تي رحم فرمائي[1] **هڪ ڏينهن سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **فرمايو: اُن وقت توهان جو ڇا حال هوندو جڏهن توهان برائي جو حڪم ڏيندؤ ۽ نيڪي کان روڪيندؤ؟** "صحابه ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: **يا رسول الله** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! **ڇا ائين ٿيندو؟** فرمايائون: **هائو! اُن ذات جي قسم جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي، ان کان به وڌيڪ برو حال هوندو. الله پاڪ فرمائي ٿو: مون کي پنهنجي ذات جي قسم! مان (اُن وقت) ان تي اهڙو فِتنو مقرر ڪندس جنهن ۾ سمجهدار ماڻهو به حيران رهجي ويندا.**[2]

مسلماں آہ! غافِل ہو گئے نیکی کی دعوت سے | بڑھا جاتا ہے ہائے! زورِ باطِل یارسولَ اللہ!

**پيارا اسلامي ڀائرو!** اسان کي سنيلجي وڃڻ گهرجي! اسان جي معاشري ۾ برائيون ايتريون عام ڇو ٿي ويون آهن؟ مسجدون ويران ۽ گناهن جا اڏا ڇو آباد آهن؟ ان لاءِ جو برائين جي ترغيب عام آهي، سوشل ميڊيا(Social Media)، انٽرنيٽ، ٽي وي چينلز، اخبارون (News Papers) ۽ نه ڄاڻ ڪهڙن ڪهڙن طريقن سان گناهه ڦهلجي رهيا آهن ۽ انهن جي ترغيب به عام ڏياري پئي وڃي، ان جي جڳهه تي جيڪڏهن اسان نيڪي جي دعوت عام ڪريون ته اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! گناهن جو سيلاب رڪجي ويندو. ڪاش! هر مسلمان پنهنجي هن بنيادي ذميواري کي سمجهي. اسان جتي به هجون، حڪمتِ عملي سان، پنهنجي طاقت ۽ اختيار ڏسي بس نيڪي جي دعوت ڏيندا رهون. الله پاڪ اسان کي توفيق عطا فرمائي

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

سُنّتوں کی کروں خوب خدمت | ہر کسی کو دوں نیکی کی دعوت

[1]... تفسير صراط الجنان،پاره :10 ،سورۂ توبہ،تحت الآية :67، جلد:4، صفحه :171- 172 ملخصاً۔

[2]...موسوعة امام ابن ابى الدنيا ، جلد:2 ،صفحه :202، حديث:31 ۔

نیک میں بھی بنوں اِلتجا ہے | یاخدا! تجھ سے میری دُعا ہے[1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## 30 جولاءِ دوستيءَ جو عالمي ڏينهن

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان ٻڌو تہ مفتي فاروق صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪيئن ۞نيڪ، ۞پرهيزگار، ۞تلاوت ڪندڙ، ۞علمِ دين پڙهندڙ، ۞نيڪيون ڪندڙ، ۞نيڪيءَ جي دعوت ڏيندڙ، ۞سنن اخلاقن وارا، ۽ ۞ سٺي ڪردار وارا هئا. جيڪڏهن ملي سگهن تہ اهڙن ماڻهن کي دوست بڻائڻ گهرجي، اهڙن سان گڏ رهڻ گهرجي، ۽ پنهنجو اُٿڻ ويهڻ اهڙن سان رکڻ گهرجي تہ جيئن اسان جو بہ ڪردار سنورجي، اسان جون عادتون بہ سٺيون ٿي وڃن. هاڻي 30 جولاءِ اچي رهيو آهي، 30 جولاءِ تي دوستيءَ جو عالمي ڏينهن (International Day of Friendship) ملهايو ويندو آهي. هن موقعي تي بلڪ هر وقت ئي گهرجي تہ اسان پنهنجي فرينڊ سرڪل جو جائزو وٺون، سوچون تہ ڇا اسان سٺن دوستن سان اُٿون ويهون ٿا يا بُرن ماڻهن سان دوستيون آهن. اسان جا اخلاق، ڪردار، ۽ عادتون بگڙڻ جو سڀني کان وڏو سبب بُريون دوستيون هونديون آهن. تنهنڪري بُري دوستن کان بچي ڪري ئي رهڻ گهرجي.

## انسان پنهنجي دوست جي دين تي هوندو آهي

ترمذي شريف جي حديثِ پاڪ آهي، الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: اَلرَّجُلُ عَلَى دِيْنِ خَلِيْلِهٖ، فَلْيَنْظُرْ اَحَدُكُمْ مَنْ يُخَالِلُ انسان پنهنجي دوست جي دين تي هوندو آهي، تنهنڪري توهان مان هر هڪ کي گهرجي تہ هو

[1]...وسائل بخشش، صفحہ:139 ۔

ڏسي تہ ڪنهن سان دوستي ڪري رهيو آهي. (1) يعني عام طور تي انسان پنهنجي دوست جي سيرت ۽ اخلاق اختيار ڪري وٺندو آهي، ڪڏهن ڪڏهن ان جو مذهب بہ اختيار ڪري وٺندو آهي. تنهنڪري سٺن ماڻهن سان دوستي رکو تہ جيئن توهان بہ سٺا بڻجو! ۽ ڪنهن سان دوستي ڪرڻ کان پهريان ان کي جانچيو تہ ڇا اهو اللّٰہ ۽ رسول جو فرمانبردار آهي يا نہ. **صوفياءِ ڪرام فرمائن ٿا:** انسان جي طبيعت ۾ اخذ يعني وٺڻ جي خاصيت هوندي آهي. حريص جي صحبت مان حرص ۽ زاهد جي صحبت مان زهد ۽ تقويٰ ملندي آهي (تنهنڪري هر هڪ کي گهرجي تہ ڪنهن کي دوست بڻائڻ کان اڳ سوچي سمجهي، جانچي تہ مان ڪنهن کي دوست بڻائي رهيو آهيان). (2)

## اي اللّٰہ پاڪ! منهنجي دوستن کي نيڪ بڻاءِ

شيخُ المشائخ، حضور داتا گنج بخش علي هجويري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه پنهنجي مشهور زمانہ ڪتاب ڪشفُ المحجوب ۾ لکن ٿا: هڪ شخص ڪعبي شريف جو طواف ڪري رهيو هو، هن دوران سندس زبان تي صرف هڪ ئي دعا هئي: " اَللّٰهُمَّ اَصۡلِحۡ اِخۡوَانِيۡ " اي اللّٰہ پاڪ! منهنجي دوستن کي نيڪ بڻاءِ. ڪنهن پڇيو: هن مقام تي تون پنهنجي لاءِ دعا ڇو نٿو گهرين؟ صرف دوستن لاءِ ئي ڇو دعا ڪري رهيو آهين؟ ان شخص تمام بهترين جواب ڏنو، چيائين: مان (هتي مڪي مڪرمہ ۾ تہ نيڪين ۾ مصروف آهيان پر جلد ئي مون کي واپس پنهنجي دوستن وٽ وڃڻو آهي، جيڪڏهن اهي نيڪ هوندا تہ مان نيڪ بڻجي ويندس ۽

[1] …ترمذی، کتاب الزہد، صفحہ:566، حدیث:2378۔

[2] … مرآۃ المناجیح،جلد:6 ،صفحہ:599 بتغیر قلیل ۔

جيڪڏهن اهي خراب هوندا ته انهن جي خرابي مون کي به پهچندي، تنهنڪري مان پنهنجي دوستن لاءِ دعا ڪري رهيو آهيان.(1)

بنادے مجھے نیک نیکوں کا صَدقہ | گناہوں سے ہر دم بچا یاالٰہی!
مرا ہر عمل بس ترے واسطے ہو | کر اِخلاص ایسا عطا یاالٰہی! (2)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## دوستي جا آداب سکڻ ضروري آهي

حضرت داتا گنج بخش علي هجويري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: نفس جي عادت آهي ته پنهنجي ساٿين کان راحت حاصل ڪري ٿو، جنهن قسم جي ماڻهن جي صحبت ۾ ويهندو آهي، انهن جون عادتون اختيار ڪري وٺندو آهي. ان ڪري مشائخ (يعني اولياء ڪرام) سيني کان پهرين دوستي جي حقن تي ڌيان ڏيندا ۽ مريدن کي ان جي ترغيب ڏيندا آهن، ايتري قدر جو مشائخ وٽ دوستي جا آداب سکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ فرض جو درجو رکي ٿو.(3)

## هيپاٽائٽس جو روحاني علاج

پيارا اسلامي ڀائرو! 28 جولاءِ تي World Hepatitis Day (هيپاٽائٽس جو عالمي ڏينهن) ملهايو وڃي ٿو. هيپاٽائٽس جگر جي بيماري آهي، الله پاڪ اسان کي ان کان محفوظ فرمائي، خطرناڪ مرض آهي، موت جو سبب به بڻجي سگهي ٿو. خدا نخواسته اهڙو مسئلو هجي ته ڊاڪٽر سان رجوع ڪرڻ گهرجي. مان اوهان کي هيپاٽائٽس جو هڪ روحاني علاج ٻڌايان ٿو، ان تي عمل ڪريو! جيڪڏهن بيماري هوندي ته ختم ٿي ويندي، نه هوندي ته اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْکَرِیْم! ان کان حفاظت رهندي.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡم سان گڏ سورت قريش هڪ دفعو (اَوّل آخر 11 ڀيرا دُرُود شريف)

---

1 …کشف المحجوب، مترجم، صفحہ:499 بتغیر۔

2 وسائل بخشش، صفحہ:105۔

3 …کشف المحجوب مترجم، صفحہ:499 بتغیر۔

پڑهو (يا پڑهايو) ۽ آبِ زمِ زم يا ان پاڻي ۾ جنهن ۾ آبِ زم زم جا ڪجهه ڦڙا شامل هجن، دم ڪريو ۽ روزانو صبح، منجهند ۽ شام پيئو. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْڪَرِيْم! 40 ڏينهن جي اندر اندر شفا ياب ٿي ويندا. (صرف هڪ دفعو دم ڪيل پاڻي ڪافي آهي، حسبِ ضرورت وڌيڪ پاڻي ملائي وٺو.) (1)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: علاقائي دورو

**حديث پاڪ جو خلاصو آهي:** جيڪي قدم راهِ خُدا ۾ خاڪ آلود ٿين، انهن کي جهنم جي باهه نه ڇُهندي. (مسند امام احمد،جلد:6، صفحه:507، حديث:16356۔) نيڪي جي دعوت ڏيڻ، بُرائي کان منع ڪرڻ جي لاءِ گهر کان نڪرڻ به راهِ خدا ۾ نڪرڻ آهي. اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نيڪي جي دعوت ڏيڻ جي لاءِ بازار ۾ تشريف کڻي ويندا هئا. مختلف قبيلن ۾ وڃي ڪري نيڪي جي دعوت ڏيندا هئا. دعوت اسلامي وارا عاشقانِ رسول به هن پياري ادا کي ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن گهر گهر، دڪان دڪان وڃي ڪري نيڪي جي دعوت ڏيندا آهن. ماڻهن کي مسجد ۾ اچڻ جي دعوت ڏني ويندي آهي. نمازن جي ترغيب ڏياري ويندي آهي. اسان ان کي علاقائي دورو چوندا آهيون.

اوهان به عاشقانِ رسول سان گڏجي علاقائي دورو ڪيو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْڪَرِيْم! سُنَّتِ انبياء تي عمل جي سعادت ملندي. نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو ثواب ملندو حديث پاڪ جي مطابق نيڪي جي راهه ڏيکارڻ وارو، نيڪي ڪرڻ

---

1 … بيمار عابد ،ص60۔

واري جهڙو آهي. [1] ❁ جيڪڏهن اسان جي نيڪي جي دعوت سان هڪ شخص بہ نيڪ نمازي بڻجي ويو تہ يقين مجو! پاڳ ئي کُلي ويندا.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## اوقاتِ نماز (Prayer Times) ايپ جو تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! دعوتِ اسلامي جي آئي، ٽي ڊپارٽمنٽ هڪ نهايت پياري موبائل ايپلي ڪيشن بنام اوقاتِ نماز (Prayer Times) جاري ڪئي آهي❁ هن ايپلي ڪيشن جي ذريعي سڄي دنيا ۾ ڪنهن بہ مقام جا اوقات ۽ سمتِ قبلہ معلوم ڪري سگهجن ٿا ❁ هن کان علاوه پنج نمازن جي وقتن بابت ماهوار ٽائم ٽيبل ❁ اذڪار (روحاني علاج) ❁مدني چينل ريڊيو ❁نماز جي اوقات ۾ موبائل کي سائلنٽ (Silent) ڪرڻ جي سهولت ۽ اسلامي ڪيلنڊر موجود آهي. پنهنجي موبائل ۾ هي ايپليڪيشن انسٽال ڪريو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## چند ضروري اعلانات

❁ هر هفتي اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ مدني چينل تي لائيو هفتيوار مدني مذاڪرو ڪندا آهن، ايندڙ هفتي بہ رات عشاء جي نماز کان پوءِ مدني چينل تي اِنْ شَآءَاللّٰه الْكَرِيْم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو، جنهن ۾ شيخ طريقت، اميرِ اهلِ سنت مولانا الياس عطّار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ سوالن جا جواب بہ عطا

---

[1]... ترمذی، صفحہ:628، حدیث:2670ملتقطاً۔

فرمائيندا. تمام ذمّه داران ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ به شرڪت ڪن ۽ ٻين کي به ان جي دعوت ڏين.

۞ شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب ڏيندا آهن، ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالو "**نيڪي جي دعوت ۽ نرمي**" جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ به پڙهو! ٻين کي به ترغيب ڏيو ۽ سوشل ميڊيا جهڙوڪ واٽس ايپ وغيره تي رضاءِ الٰهي ۽ ثواب جي نيت سان ٻين سان به شيئر ڪريو! ۞ الله پاڪ جا ڪجھ ٻانها اهڙا به هوندا آهن جيڪي پنهنجي مختصر زندگي ۾ اهڙا نمايان ڪم ڪندا آهن جو دنيا حيران رهجي ويندي آهي، ۞ الله پاڪ انهن ٻانهن کي پنهنجي طرفان خاص صلاحيتن سان نوازيندو آهي، انهن مان هڪ شخصيت مفتيءِ دعوت اسلامي جي به هئي جو جن پنهنجي مختصر زندگي ۾ اهي عظيم ڪم ڪيا جيڪي پنهنجي مثال پاڻ آهن انهن مان ڪجھ ڪمن کي هڪ ڪتاب بنام مفتي دعوت اسلامي ۾ تحرير ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب کي توهان طلب فرمايو. پاڻ به پڙهو! ۽ ٻين کي به ان جي ترغيب ڏياريو!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت، ڪجھ سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِ رسالت، شَهنْشاه نُبُوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان آهي:

مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِی فِی الْجَنَّة

يعني جنهن منهنجي سُنّت سان مَحَبَّت ڪئي ان مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

[1] ... مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،الفصل الثانى،۱/۵۵،حديث:۱۷۵

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## پاڻي پيئڻ جون سنتون ۽ آداب

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ: (1) اُٺ وانگر هڪ ئي ساهي ۾ نہ پيو، بلڪ ٻہ يا ٽي ڀيرا (ساهہ کڻي) پيئو ۽ پيئڻ کان اڳ ۾ بِسْمِ اللهِ پڙهو ۽ پيئڻ کان پوءِ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ چوندا ڪريو .(1)

اي عاشقانِ رسول! پاڻي هجي يا ڪا بي پيئڻ جي شيءِ ❁پيئڻ کان پهرين بِسْمِ الله پڙهو ❁ چوسي ڪري ننڍا ننڍا ڍُڪ ڀريو، وڏا ڍُڪ ڀَرڻ سان جگر جي بيماري پيدا ٿيندي آهي ❁پاڻي ٽن ساهين ۾ پيئو ❁ويهي ڪري ۽ ساڄي هٿ سان پاڻي پيئو ❁ڪؤنري وغيره مان وضو ڪيو تہ ان جو بچيل پاڻي پيئڻ 70 بيمارين کان شِفا آهي جو اهو آبِ زم زم شريف سان مشابهت رکي ٿو، ان ٻنهي (يعني وضو جو بچيل پاڻي ۽ آب زم زم شريف) کان علاوه ٻيو ڪو بہ پاڻي ويهي ڪري پيئڻ مڪروه آهي. اهي ٻئي پاڻي قبلي ڏانهن منهن ڪري بيهي پيئو ❁ پيئڻ کان پهرين ڏسو تہ پيئڻ جي ٿانوَ ۾ ڪا نقصان واري شيءِ وغيره تہ ناهي ❁ پاڻي پيئڻ کان پوءِ اَلْحَمْدُ لِلّٰه چئو ❁ حضرت سيِّدُنا امام محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: بِسْمِ الله پڙهي پيئڻ شروع ڪري پهرين ساهي جي آخر ۾ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ ٻي کان پوءِ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْن ۽ ٽين کان پوءِ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيم پڙهي. هي هڪ سنو ڪم آهي نہ بہ ڪيو تہ حرج ناهي ۽ شروع ۾ بِسْمِ الله ۽ آخر ۾ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ چوڻ سان بہ سنت ادا ٿي ويندي ❁گلاس مان بچيل مسلمان جي اُوبر واري صاف پاڻي کي استعمال لائق هجڻ جي باوجود

---

[1] ... ترمذی، کتاب الاشربۃ، صفحہ:464، حدیث:1885۔

هرويرو اچلائڻ نہ کپي ۞منقول آهي: سُؤرُ الْمُؤمِنِ شِفاءٌ يعني مسلمان جي اوبر ۾ شِفا آهي. ۞ پيئڻ جي ڪجھ گھڙي بعد خالي گلاس کي ڏسندا تہ ان جي پاسن مان ڪجھ قطرا هيٺ جمع ٿي چڪا هوندا ان کي بہ پي ڇڏيو.[1]

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مکتبةُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنّتن سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سَفر بہ آهي.

آؤ مدنی قافلے میں ہم کریں مل کر سفر
سنتیں سیکھیں گے اِس میں ان شاءالله سر بسر

مجھ کو جذبہ دے سفر کرتا رہوں پَرْوَرْدگار
سنتوں کی تربیت کے قافلے میں بار بار[2]

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ

---

[1]...550 سنتیں اور آداب، صفحہ:16۔

[2]...وسائل بخشش، صفحہ:635۔

اَلْجَاهِ وَعَلٰی اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

## (4) ڇهہ لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

[1] افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا
[2] افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65
[3] ... القول البديع، الباب الثانی، ص277

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه كِن بُزرگن كان نقل كن ٿا هن دُرُود شريف كي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[1]

## (5) قُربِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّم

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَ تَرۡضٰی لَہٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اكبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ كرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص كير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سركار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي. [2]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنۡزِلۡہُ الۡمَقۡعَدَ الۡمُقَرَّبَ عِنۡدَکَ یَوۡمَ الۡقِیَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيكو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. [3]

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيكيون

جَزَی اللّٰہُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا ھُوَ اَھۡلُہٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا كان رِوايت آهي تہ سركارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ

---

[1]... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[2]... القول البديع، الباب الاول، ص2125

[3]... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]... مجمع الزوائد،کتاب الادعیۃ،باب فی کیفیۃ الصلاۃ...الخ،10/254،حدیث:17305

[2]... ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455